# تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ ۾ صوفيانه جهلڪيون

# Reflections of Sufism In the Poetry of Tanveer Abbasi

1. رقيه عامر
2. اللّٰه وسايو سومرو

***Abstract:***

*Tanveer Abbasi ( Noor Nabi Abbasi) was a well Known and famous poet of Modern Sindhi Poetry.*

*He was not only well known for his poetry but also he was a great philosopher, a Critic, a Research Scholar also. He played his vital role in the organizing of Sindhi Adabi Sangat.*

*Tanveer Abbasi not only composed his poetry but also he wrote in prose. Travelague ‘Dorey Dorey Daih’ is famous.*

*Tanveer Abbasi was the great expert of Poetry of Shah Abdul Latif Bhitai and Sachal Sarmast. He compiled the poetry of two great Sufi Sindhi Poets namely, Sufi Khush Khair Muhammad Heesbani and Nanik Yousuf.*

*In this paper his poetry relating to sufism is analyzed.*

هر ڪنهن ماڻهوءَ اندر پنهنجون پنهنجون خوبيون ۽ خصلتون موجود هونديون آهن، جنهن جي ڪري هو معاشري ۾ عام طور تي ڄاتو سُڃاتو وڃي ٿو. سندس انهن خوبين ۽ خصلتن جو معاشري جي ٻين ماڻهن تي به مثبت اثر پوي ٿو ۽ اهڙين خوبين وارو شخص دائمي زندگي ماڻيندو آهي. ساهه جو سڳو جڏهن ڍُٽي پوندو آهي ته هو جسماني طرح جدا ضرور ٿي ويندو آهي پر اصل ۾ پنهنجي خداداد صلاحيتن، خوبين ۽ خصلتن جي ڪري مرڻ جي باوجود به مري نه سگهندو آهي، سندس گُڻ ۽ عادتون ڪيس مرڻ ناهن ڏينديون ۽ ماڻهن جي سوچن ۽ خيالن ۾ هميشه زنده جاويد بڻجي ويندو آهي.

اهڙين خوشنصيب هستين ۽ شخصيتن مان تنوير عباسي جو نالو هڪ آهي. الله تبارڪ و تعاليٰ ڪيس نيڪ صفتن سان نوازيو هو. پنهنجو ته پنهنجو پر پرائي کي به پنهنجي قرب سان پنهنجو ڪري وٺندو هو. پيشي جي لحاظ کان هڪ ميڊيڪل آفيسر/ ڊاڪٽر هو پر ان جي برعڪس هڪ وڏو فلسفي ۽ مفڪر به هو ته مدبر ۽ شاعر به هو، ته محَقق ۽ نقاد به. سماج سڌارڪ به هو ته ترقي پسنداديب به. ترقي پسند اديب هئڻ باوجود

صوفياڻو ادب سان چاهه بہ هئس. شاهہ لطيف جو پارکو بہ هو تہ سچل سرمست جو پارکو بہ. هڪ طرف جديد شاعري ڪيائين تہ ٻئي طرف صوفي شاعرن جي شاعري کي بہ سهيڙيائين. نظم ۾ تہ مهارت هئس تہ ٻئي طرف نثر تي بہ سٺي دسترس رکندڙ هو. اهڙيون ٻيون بہ انيڪ صفتون سندس شخصيت جو اهم حصو هيون. مطلب تہ سندس شخصيت هڪ اهڙي گلدستي مثل هئي، جنهن ۾ مختلف قسمن جا رنگ برنگي گل سجايا ويا هجن.

"اڪثر ليکڪ، شاعر يا تہ حادثاتي آهن يا شوقيہ، ليڪن نظرياتي ليکڪ ۽ شاعر تمام ٿورا هوندا آهن، ڊاڪٽر تنوير عباسي نظرياتي ليکڪ ۽ شاعر هو (1)."

ڊاڪٽر تنوير عباسي نوجوان ليکڪن ۽ شاعرن جي اندر ۾ اُتساهہ پيدا ڪندو هو. شوق ۽ جذبو پيدا ڪندو هو. اهو ئي سبب آهي جو نئين ٽهيءَ جا ليکڪ ۽ شاعر سندس شعر کي وڏي عزت جي نگاهہ سان ڏسن ٿا. پاڻ ذات پات، رنگ ونسل جي متڀيد کان بالا هو. سادگي ۽ نفاست سندس زندگيءَ جا اهم جزا هئا. وٽس هر ڪنهن جي لاءِ آدر ڀاءُ ۽ عزت هوندي هئي. پاڻ انسان دوستيءَ جي جذبي سان سرشار هو ۽ سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌ ڌرتي جي حقن جي لاءِ هر وقت متحرڪ هوندو هو.

"وطن جي ويڙهہ ۾ جڏهن نواڻ ۽ ترقيءَ جو سوال طوفان وانگر ڌوڪي آيو تہ تخليقي ادب جي ٺُڪ بند روايت دم جهلي نہ سگهي ۽ وطن جو تخليقي بوٽو نوان ويس پائي اُڀري ريٽي لاٽ مان اُڀرڻ لڳو جنهن هڪ نئين روايت کي جنم ڏنو جنهن کي جديد ادب جي ترقي پسند روايت جي نالي سان ياد ڪيو ويجي ٿو. ڊاڪٽر تنوير عباسي ان قافلي جي پهرين صف جي سُونهَن منجهان هڪ اعتبار لائق سُونهون آهي (2)."

سندس شاعريءَ ۾ تشبيهون، استعارا، تمثيلون، لفظن جو جڙاءُ، موسيقيت، جذبن ۽ خيالن جي ساختگي، اهي سڀ گڏجي جديد شاعري واريون خوبيون پوريون ڪن ٿا. سندس شاعريءَ ۾ ڪلاسيڪل شاعراڻو رنگ موجود ملي ٿو. پاڻ پنهنجي شعر ۾ سنڌ ۽ سنڌين سان وڏي حُب جو اظهار ڪيو اٿن، سنڌي نوجوانن کي آئيندي لاءِ خبردار ۽ هوشيار رهڻ لاءِ پيغام ڏنو اٿن. شعر ۾ ڏاري روايتن کان انڪاري رهيا ۽ پنهنجي شاعريءَ ۾ پنهنجي سماج جي ڏيک ۽ جَهلڪ پيش ڪئي. لفظ بہ مقامي ۽ منظر بہ مقامي. روزمرهہ جي زندگيءَ جا اصطلاح ۽ محاورا جهجهي انداز ۾ ملن ٿا. ڊاڪٽر نور افروز خواجہ لکي ٿي تہ:

"تنوير پنهنجي شاعريءَ ۾ سنڌ جي روزمرهہ جي زندگيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ لفظن، علامتن، تشبيهن، تمثيلن، اصطلاحن، پهاڪن ۽ چَوڻين کي استعمال ڪيو آهي، هن فارسي لب و

لهجي ۽ غنايت بدران سنڌي لهجو موسيقيت، لئي، ماحول ۽ موضوع پنهنجي شاعريءَ ۾ پيش ڪيا آهن (3).“

ڊاڪٽر تنوير عباسي مختلف موضوعن تي لکيو آهي. جنهن ۾ شاعري، لطيفيات، تنقيد، تحقيق، مقدما ۽ سفرناما وغيره شامل آهن. پاڻ نفيس پهلوئن، جذبن، اُمنگن کي مِيٺاج ڀري ٻوليءَ ۾ پيش ڪرڻ جي فن ۾ مهارت رکندا هئا.

”شاعريءَ جي هر صنف کي بهتر کان بهتر طور پيش ڪرڻ جي سلسلي ۾ هن فني تجربا ڪيا آهن.اهو ئي سبب آهي جو سندس شمار جديد سنڌي شاعريءَ جي صف اول جي شاعرن ۾ ٿئي ٿو. تصوف، حب الوطني، باهمي پيار ۽ محبت، اُخوت ۽ عام انسانيت جي خير خواهي سندس شاعريءَ جا مکيه متن آهن (4).“

تنوير عباسي سنڌ جي ماڻهن جو سچي معنيٰ ۾ همدرد ساٿي هو هر وقت ڏک سُک ۽ اهنج ايذاءَ ۾ سنڌين جي سڏ ۾ سڏ ڏيندڙ هو. هن مختلف موقعن جهڙوڪ : ون يونٽ يا مارشلا دوران سنڌين مٿان ٿيندڙ ظلمن ۽ نا انصافين، ناجائزين خلاف آواز اٿاريو. کيس سنڌ ۽ سنڌين جي مستقبل لاءِ سدائين اونو رهندو هو.

تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ ۾ جتي جديديت ۽ ترقي پسنديءَ جا لاڙا ملن ٿا تہ اُتي سندس شاعريءَ ۾ مختلف جاين تي صوفياڻہ جهلڪيون ۽ عڪس بہ ملن ٿا. جيڪي تصوف ڏانهن لاڙو هئڻ جو ثبوت فراهم ڪن ٿا. هوئن بہ تنوير عباسي سنڌ جي ٻن نالي وارن صوفي شاعرن جو ڪلام سهيڙي سندن نالن تي جدا جدا ڪتابي صورت ۾ ڇپرايو. حزب الله آءِ سومرو لکي ٿو تہ : ”ڊاڪٽر تنوير عباسي حقيقي قسم جو سيڪيولر هو. تنقيد يا اختلاف راءِ تي ناراض نہ ٿيندو هو ۽ مذهب تي نفرت آميز تنقيد يا طنز بہ نہ ڪندو هو ائين ڪٿي چئجي تہ سندس لاڙو تصوف ڏانهن هو (5).“

قرآن مجيد يا حديث مبارڪ مان ڪنيل موضوع ديني يا تصوف جي مَبني هوندا آهن، پر عام انسانيت جي خدمت ۽ درد بہ تصوف جي ذمري ۾ شامل آهن. پاڻ کان وڏي عمر واري جو احترام ڪرڻ ۽ ننڍي عمر واري تي شفقت ڪرڻ ، اجايل ۽ بُکايل کي پاڻي پيارڻ ۽ ماني کارائڻ، محتاج، مسڪين جي مدد ڪرڻ، ڪنهن حقدار کي حق وٺي ڏيارڻ جهڙيون ٻيون انيڪ صفتون سچي صوفي هئڻ جو ثبوت فراهم ڪن ٿيون. اهڙي طرح هو بہ هڪ سچو صوفي هو ۽ سندس اظهار بہ صوفياڻہ قسم جا هئاڊاڪٽر مَلڪ نديم صاحب لکي ٿو تہ:

"متيرلزم تنوير وٽ صوفي ازم جي روپ ۾ بہ ظاهر ٿئي ٿي جيڪي جڻ ٿيوري ۽ پريڪٽيڪل آهن. صوفي ازم انسانيت جي ٿيوري آهي ۽ متيرلزم انسانيت جي پريڪٽيڪل آهي (6)."

تنوير عباسي جي شاعريءَ ۾ هر صنف جي ڪنهن نہ ڪنهن مصرع ۾ اهڙيون جهلڪيون ضرور محسوس ٿيندون. هيٺئين بيت ۾ تنوير, شاهہ لطيف جي پيرين جي ڳولا واري حد ۽ لاحد جو تمام سهڻي نموني ذڪر ٿو ڪري تہ :

جي انسانن جا سجدا بي نياز آستان ڏسبا،
مڪان ۾ لامڪان ۽ لامڪان ۾ ڪجهہ مڪان ڏسبا.(7)

الله تبارڪ وتعاليٰ آڏو سندس ڪبريائي جو اعتراف ڪري ٿو ۽ پنهنجي ادنيٰ هستي هئڻ جو اعتراف ڪري ٿو دُعا گهري ٿو تہ سندس امتحان جي گهڙي ۾ الله مدد ڪرڻ فرمائي.

الله خير مون ڏي اچي ٿو هو بار بار،
ذوقِ نظر جو هي نہ هجي امتحان ڪٿي،
مان تنهنجي در تي جراتِ سجده ڪري سگهان،
منهنجي جبين ڪٿي ۽ سندءِ آستان ڪٿي.(8)

انسان فاني آهي، ضرور هڪ ڏينهن انسان کي هي جهان ڇڏي وڃڻو آهي. هن جهان کان پوءِ اڳئين جهان جي زندگي گذارڻي آهي، جيڪا ابدي بقائي وجي ٿي. تنوير عباسي کي بہ پنهنجو اصل جهان ۽ مڪان ياد آهي، ڪيس پڪ آهي تہ هن کي ان اصل جهان يعني عالم ارواح جي طرف واپس ورڻو آهي پر تقدير جي ڪيس ڪا بہ خبر نہ آهي تہ سندس هن زندگيءَ ۾ ڇا ڇا لکيل آهي. هو چوي ٿو تہ :

آواز حق جو نڪري ٿو هر دم زبان مان،
ايندو نہ آهي قصئہِ دارو رسن مون کي،
ڪجهہ ڏيمي ياد آهي مون کي هن جهان جي،
شايد پڪاري آ رهيو منهنجو وطن مون کي،
سمجهي وٺان مان ڪاتب تقدير جو مزاج،
فرصت ڏي ايتري تون اي چرخِ ڪهن مون کي.(9)

تڪبر، غرور ۽ هَٺُ، انسان لاءِ ناڪامي، رُسوائي ۽ تباهي جو ڪارڻ آهن. نهٺائي، نيازمندي، انڪساري ۽ عاجزيءَ جهڙيون خصلتون انسان کي ترقي جي معراج تي پهچائين

ٿيون. خودي بہ هن جو هڪ نمونو آهي، خودي صرف خدا جي ذات کي سونهي ٿي ۽ انسان کي انهيءَ خوديءَ کان بي خود ٿيڻو آهي. تنوير وٽ خودي ۽ بيخودي جو ذڪر هن طرح آهي:

وڃان ٿو بارها بيخود ٿي دنيائي خودي ۾ دوست،
خودي بيو ڪجهہ نہ آهي پر فقط هڪ بيخود آهي.(10)

انسان پنهنجي مقصد ۽ مفاد خاطر پنهنجي ايمان جو سودو ڪرڻ کان بہ ڪو نہ ٿو مڙي، حق تلفي ۽ استحصال جا قصا ۽ ڳالهيون ٻُڌڻ لاءِ ملن ٿيون پر انسان پنهنجي مقصد ۽ مفاد خاطر انسانن کي ٿو سجدا ڪري، حالانڪ سجدو صرف ۽ صرف واحد رب جي ذات کي ڪرڻو آهي. تنوير کي بہ ساڳئي ڳالهہ جي شڪايت هن طرح آهي تہ:

جهڪائڻ سر کي سجدي ۾ بهر صورت عبادت هئي،
زماني ۾ ڏٺا مون پيي گهٽا ئي آستان بدلي.(11)

جهڙي طرح صوفياءِ ڪرام وٽ هي نظريو آهي تہ خدا هر هنڌموجود آهي ،مسجد ۽ مندر ۾ موجود آهي، عبادتن جي جاين جا نالا مَٽيل آهن. عقيدتمند مختلف نالن سان يعني مسلمان يا هندو سڏجن ٿا، پر اها ذات تہ ساڳي آهي، جيڪا مسلمانن وٽ رحمن آهي ۽ هندن وٽ ڀڳوان. تنوير عباسي وٽ هن ڳالهہ جو ذڪر هن طرح آهي تہ:

سجدو هر حال ٿو رهي سجدو،
ڀلي هي بُتخانو يا حرم آهي.(12)

انسان، انسان کي سچ ٻڌائڻ لاءِ خوفزده هوندو آهي تہ متان اڳيون ڪانئس ناراض ٿئي، سندس ناراضگي نقصان يا تباهي جو ڪارڻ ٿي سگهي ٿي. اهو انسان خدا سان ڇا شڪوه ۽ شڪايت ڪندو. صرف صوفياء ڪرام ئي آهن جيڪي رب جي ذات سان روبہ َرو مخاطب ٿي حق ۽ حقيقت جي ڳالهہ بيان ڪندا آهن. تنوير جي هيٺين شعر مان لڳي ٿو تہ تنوير جي مٿان بہ صوفياڻو اثر ڇانيل آهي، هو چوي ٿو تہ:

پنهنجي ڪرم کي عام نہ ڪر ايترو خدا،
جو تو کان بي نياز هي انسان نہ ٿي وڃي.(13)

جڏهن سالڪ، سلوڪ جون منزلون طيءِ ڪندو پنهنجي منزل مقصود تي پهچي ٿو تہ هن کي قدرت طرفان اهم عنايت ڪئي ويندي آهي۽ مَن شُدي مَن تُو شدم واري حقيقت سامهون اچي ويندي آهي، هو جيڪو ڪجهہ سوچيندو يا چاهيندو آهي سو ٿي

پوندو آهي ، مٿس رب جي رضا ڇانيل هوندي آهي، هن جي رضا ۾ رب جي رضا شامل ٿي پوندي آهي، ساڳي فضيلت يا رتبي لاءِ تنوير وٽ هن طرح خيال آهي تہ :

اهو وقت پيي نيٺ تنوير ايندو،
جو افلاڪ پنهنجي اشارن ۾ هوندو.(14)

حسين بن منصور حلاج جي فلسفي جو اثر هر صوفي شاعر تي ڇانيل آهي، انهيءَ سوچ ۽ مستي جو اظهار تنوير بہ هن طرح ڪيو آهي تہ :

اوهان دار ٺاهي وٺو پوءِ ڏسجو،
هزارين ئي منصور پيدا ٿي پوندا. (15)

قادر رب ڪريم پنهنجي قدرت سان هر انسان کي پنهنجي پنهنجي جسماني بناوت سان ٺاهيو آهي، انهن جا منهن مهاندا، وغيره هڪ ٻئي کان ڪنهن نہ ڪنهن طرح مختلف هوندا آهن.رنگ، قد، بت، حال، چال وغيره سان سڃاتا وڃن ٿا. گوري رنگ ۾ بہ ساڳيو ئي رب ستار وسي ٿو تہ ڪاري رنگ ۾ ئي ساڳيو رب ستار ٿو وسي، اهو ئي پاڻ وسي ٿو ۽ سندس رهڻ جي جاءِ انسان جي سيني اندر يعني دل ۾ هوندي آهي، تنهن ڪري هر ڪوئي ماڻهو جو ملهہ اُلهہ آهي، ناياب هيرو يا موتي آهي، تنوير عباسي بہ اهڙين خيالن جو اظهار هن طرح بيان ڪيو آهي تہ:

ڪنهن جي جيءَ ۾ جهاتي پائي،
آهي ڏٺو تـــو ڪـــونہ،
ٻاهرجيڪو ڪارو ڪوجهو،
انـــدر ســـارو ســـون،
جو ڏک جي ڪوري ۾ ڪاٽو،
سوئي ساٿ ڏئي سرواڻ،
هر ڪو ماڻهو موتيداڻو
هر ڪا دل هيرن جي کاڻ. (16)

صوفي پنهنجو پاڻ کي پنهنجي مخصوص لباس يعني نهايت ئي سادگي تي مَبني گيڙو رنگ الفي اوڍي عوام الناس آڏو پيش ٿو ڪري، سندس اهو گيڙو رنگ امن، ڀائيچاري ۽ محبت جي علامت آهي. اهڙي ڪيفيت کي تنوير عباسي هن طرح ٿو بيان ڪري :

تنهنجي در کي کڙڪايوسي ۾ تو اسان کي پينو پاڻئيو،
گيڙو ويس ڍڪي ڪشتي مان نينهن ورهائڻ آيا آهيون. (17)

انسان کي اشرف المخلوقات ڪري پيدا ڪيو ويو سندس شان ۾ ماڻ ٻي مخلوق کان بالا ۾ نرالو آهي، فرشتا توڙي جو نوراني مخلوق آهن، انهن کي بہ انسانن لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي. ٻنهي جهانن ۾ ڄئي انسان جي ڪري سونهن ۾ خوبصورتي آهي، سندس اهميت ۾ فضيلت تمام گهڻي آهي.تنوير عباسي بہ پنهنجي صوفياڻہ مزاج جو مظهر هن طرح ڪيو آهي تہ:

ڏسي مٽيءَ جو مان فلڪ حيران ٿيو،
تارازيءَ جي هڪڙي پڙ ۾ وجهجن ٻئي جهان،
ڳرو انسان ٿيو.
سونهن سڄي سنسار جي ان سان،
ماڻهوءَ ري ويران
سڄو بستان ٿيو.
پير جنهين جي چنڊ لتاڙيو،
تنهن جو وڏو آ شان،
وڏو آ ماڻ ٿيو.
ڪلمو پڙهہ تنوير بشر تي،
جوش وڏا جولان،
پڪو ايمان ٿيو.(18)

تنوير عباسي وٽ بہ اناالحق وارو اظهار بہ ملي ٿو ۾ هو ڪُلم ڪُلا هن طرح ٿو چئي تہ:

مان ئي آهيان پنهنجو جاني،
سبحاني مان اعظم شاني.(19)

هو رڳو ايتري تي بس ڪو نہ ٿو ڪري، الله پاڪ کي بہ مخاطب ٿي ساڻس گفتگو ڪري ٿو ۾ ڪيس حقيقت جي ڳالهہ بيان ٿو ڪري تہ:

او الله جا تصور،
تو ۾ سڀ ڪجهہ آهي،

تقدس، قهر، جبر ۽ رحم،
تنهنجا نوانوي نالا،
پر تو ۾ هڪ شيءِ ڪانهي،
سا آهي انسانيت!(20)

تنوير عباسيءَ جي هيٺ ڏنل شاعري مان ائين ٿو محسوس ٿئي ته سچل سرمست ٻيهر جيئرو ٿي تنوير عباسي جي روپ ۾ آيو آهي. اهو ئي سچل وارو نروار نعرو اناالحق جو تنوير جي شاعريءَ ۾ ملي ٿو. هو اناالحق واري نعري سان انسان جي دل مان نفرت، ٻيائي ڊاهڻ ٿو چاهي ۽ انهن جي بدران هو محبت جون ماڙيون اڏڻ ٿو چاهي. نمونی طور سندس ڪجهه بند هن طرح آهن:

حق حق اناالحق حق اناالحق حق اناالحق حق،
هٽو دوئي کي ڏک، اناالحق حق اناالحق حق،
تون ڊوڙي ڊوڙي مون ڏي اچ چوان ٿو سچ انهيءَ تي نچ،
انهي ۾ ناهي ڪوئي شڪ، انالحق حق اناالحق حق.

محبت جا تون خيما کوڙ، ٻيائي ٻوڙ دلين کي جوڙ،
دوئي کي هڻ تون هڪڙو ئي ڏک، اناالحق حق اناالحق حق.
سڀئي مشرب منهنجا آهن، مذاهب مون آڏو ڇا هن،
نه آهي منهنجو ڪو مَسلڪ، اناالحق حق اناالحق حق.
اسان وٽ پيار رڳو آ پيار اسان سڀ نفرت کان بيزار،
ڪري وٺ پڪ ڪري وٺ پڪ، انالحق حق اناالحق حق.
ٻيائي جا ڍينگا ڊاهيون، محبت جون ماڙيون ناهيون،
لنگهي ويندا سيــن هر هڪ لڪ، اناالحق حق اناالحق حق. (21)

تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ ۾ همه اوست جي عنوان تي هڪ پورو نظم ملي ٿو جنهن ۾ هو رب جي وحدانيت کي بيان ڪيو اٿس ته جهڙي طرح هو هڪ آهي. اهڙيءَ طرح اسان انسان به هڪ ٿي وڃون. مطلب ته پاڻ ۾ ويڇا وساري محبت ۾ ڳنڍجي هڪجهڙا ٿي وڃون. ڇاڪاڻ جو رب کي وحدت سان گهڻي محبت آهي ۽ اها ئي محبت انسان کي انسان سان هِڪُ ڪري ٿي ڇڏي.

تون هڪ آهين
مان هڪ آهيان
هـــــو هــڪ آهي
سڀ هڪ آهيون
تون ۽ مان جي
ملي وڃون ٿا
هڪ ٿيون ٿا
هو ۽ مان جي
ملي وڃون ٿا
هڪ ٿيون ٿا
تون ۽ هو جي
ملي وڃون ٿا
هڪ ٿيون ٿا
پوءِ ٻيو ڇا هي
تون هڪ آهين
مان هڪ آهيان
هو هڪ آهي
هڪ حق آهي
حق هڪ آهي
سڀ هڪ آهي
سڀ حـــــــق آهي
حـــــــق حق آهـــــــي

مطلب تہ حق، حق ئي رهندو، انسان ڪيڏي بہ ڪوشش ڪري، هو حق کي ناحق ڪري نہ سگهندو. تنوير عباسي جي پيش ڪيل شاعري مان هي معلوم ٿئي ٿو تہ تنوير عباسي صوفياڻہ مزاج جو مالڪ آهي ۽ هو هن رنگ ۾ رهي ڪري دنيا کي خوبصورت ۽ رنگين ڏسڻ جو خواهشمند آهي. حقيقت ۾ اها خوبي هڪ سچي صوفي هئڻ سان تعلق رکي ٿي.

## حوالا:


1. سومرو حزب الله_آءِ، پيٽائي 7 ، ڊاڪٽر تنوير عباسي نمبر. مضمون : خوبين جي کاڻ ڊاڪٽر تنوير عباسي. خيرپور ميرس : سنڌي شعبو شاھ عبداللطيف يونيورسٽي. ڊسمبر 2002ع، ص، 146 _ 144.
2. ملاح، مختيار احمد، سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو ڪراچي: ڪاٺياواڙ اسٽورز اردو بازار. سال 2006ع ص 390_ 389.
3. خواجہ نور افروز ڊاڪٽر، تنوير (تحقيقي جرنل)، مضمون : تنوير هڪ لافاني شاعر، خيرپور سنڌ پاڪستان : ڊاڪٽر تنوير عباسي انسٽيٽيوٽ آف ڪريئٽولٽريچر، فيڪلٽي آف آرٽس اينڊ لينگويجز شاھ عبداللطيف يونيورسٽي. 2017ع ص، 24 _ 31.
4. سومرو الھوسايو ڊاڪٽر، تنوير ( تحقيقي جرنل)، مضمون: ڏوري ڏوري ڏيهہ (سفر نامو) جو تنقيدي مطالعو خيرپور، سنڌ، پاڪستان: ڊاڪٽر تنوير عباسي انسٽيٽيوٽ آف ڪريئٽولٽريچر، فيڪلٽي آف آرٽس اينڊ لينگويجز شاھ عبداللطيف يونيورسٽي، 2017ع ص، 51_67 .
5. سومرو حزب الله_آءِ، پيٽائي 7، ڊاڪٽر تنوير عباسي نمبر. مضمون : خوبين جي کاڻ ڊاڪٽر تنوير عباسي. خيرپور ميرس : سنڌي شعبو شاھ عبداللطيف يونيورسٽي. ڊسمبر 2002ع، ص، 146 _ 144.
6. نديم، ملڪ، ڊاڪٽر، پيٽائي 7، ڊاڪٽر تنوير عباسي نمبر، مضمون: تنوير عباسي، پهاڙ پچاڙي تائين. خيرپور ميرس: سنڌي شعبو شاھ عبداللطيف يونيورسٽي . ڊسمبر 2002ع، ص، 38_ 49.
7. عباسي، تنوير، تنوير چئي، چار شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، يونيورسٽي آف سنڌ. سال 1989ع، ص، 19.
8. ساڳيو ص، 24.
9. ساڳيو ص، 28
10. ساڳيو ص، 30
11. ساڳيو ص، 37
12. ساڳيو ص، 43.
13. ساڳيو ص، 126.

14. ساڳيو ص، 146.
15. ساڳيو ص، 154.
16. ساڳيو ص، 178.
17. ساڳيو ص، 343.
18. ساڳيو ص، 346.
19. ساڳيو ص، 436.
20. ساڳيو ص، 448.
21. ساڳيو ص، 470.